# قرارداد پاڪستان ڪانپوءِ ٿيل هاڃا

## رسول بخش پليجو

پاڪستان جو مسئلو، وڏي مسئلي جو حصو آهي، اها ڳالهه پهرئين سمجهڻ گهرجي، جيڪڏهن ان تناظر ۾ ڳالهين کي نه ڏسبو ته اسين رڳو اسپرو سان ٽي بي (T.B) جي مرض جو علاج ڪندا رهنداسين، مثلن فلاڻي کي ڪنگهه آهي، ”بابا ڪير نه پيءُ ڪنگهه وڏي ويندي“. ان قسم جون ڳالهيون ٿينديون. وڏي ۾وڏي بنيادي ڳالهه هيءَ آهي ته ٽي شيون آهن، هونئن ته 1947ع ۾ Transfer of power وقت هندستان ۾ ته واقعي اقتدار جي منتقلي ٿي، جڏهن ته هتي پاڪستان ۾ اقتدار جي منتقلي ٿي ئي ڪو نه، اها ڳالهه بار بار دهرائڻ کپي ته پاڪستان ۾ سامراج ڪان Dejure power ته منتقل ٿيو پر Defacto منتقل نه ٿيو.

ٻيو ته پاڪستان جي تحريڪ ٻن ڌارائن ۾ وهندڙ هئي، هڪڙو فيوڊل ڪلاس هو، نواب هئا ۽ مخصوص علائقا هئا، انهن جو پنهنجو Trend هو. پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ تي جيئن چرچو ڪندا آهن، ”هُٽي هُٽي خبر آئي هي، خضر ساڍا پائي هي.“ خضر هميشه انگريزن سان گڏ هو، سوير ڪنهن دوست صحيح ڳالهه ڪئي آهي ته پنجاب جي آرمي سدائين انگريزن سان گڏ هئي، تنهن ڪري پنجاب جي آرميءَ جو نقطهءِ نظر پاڪستان جي قيام جي حوالي سان ٻيو هو، يو-پيءَ جو ٻيو هو، سنڌ جو ٻيو هو، پاڪستان ناهڻ جو گهٽو لاچار سنڌ ۽ مشرقي بنگال کي هو. ڇاڪاڻ جو اتي جي مسلمان آباديءَ سان جيڪا اقليت ۾ هئي، اتي جي اڪثريت جا وڏا عذاب هئا.

پاڪستان جو نهراءُ سنڌ مان تيار ۽ پاس ڪيو ويو هو ۽ فضل الحق تائيد ڪئي هئي، جو ته 1905ع ۾ لارڊ ڪرزن جيڪا مناسب تقسيم ڪئي هئي ان خلاف هندن ڪٺي ڌم باري ۽ تقسيم کي رد ڪيائون، تقسيم جو مطلب هو جيڪي مسلمانن جا علائقا هئا، انهن کي جدا ڪري ويچارن کي حق ٿي ڏنائون. هندن وني ڪٺي قوم قوم ڪئي، قوم جا نعرا هڻي، فراڊ ڪري، بدمعاشي ڪري، هنن کي پنهنجي حصي ۾ پتيءَ جو ملڪ نه ڏنو ويو ۽ انهن کي غلام

رکيو. انتهائي (Fraudulent) دوکي باز قسم جا نعرا هئا. حالانڪ بنيادي مسئلو اقتصادي معاملو هو. ان سان سلهاڙيل ڳالهہ بہ آهي تہ پاڪستان ۽ هندستان جي آزاديءَ لاءِ رڳو جناح ۽ گانڌي جدوجهد نہ ڪئي هئي. ان کان اڳ ۾ اسان جا علماءِ ڪرام هئا، جيڪي ڪالا پاڻي تي ويا هئا، تنهن کان اڳ ۾ بهادر شاهہ ظفر انگريزن کي هندستان مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. تانتيا ٽوپي وڙهيو هيو، سلطان وڙهيو هو، لڙايون ٽيون، سڄو هندستان وڙهيو. هنن وري پراچين ڀارت جي حڪومت قائم ٿي ڪئي، رام راج وري ٿي قائم ڪيائون، ٻيا اسان جا دوست هئا، جيڪي بم ڪٽي هليا هئا. ڀڳت سنگهہ وارا ۽ ٻيا انهيءَ لڏي ۾ شامل هئا، ٻيو مشرقي بنگال ۾ ٽرينون ڪيرايون ويون. وائسراءِ تي حملو ڪيائون، جيل ٽوڙيائون، جيڪي بدمعاش آفيسر هئا، تن تي حملا ڪري ماريائون.

مطلب تہ هندستان جي انگريزن کان آزادي لاءِ مذهبي تحريڪ جي هندو ۽ مسلم قوتن ڪانسواءِ Terrorist قوت ۾ مڊل ڪلاس جي سياسي قوت، سيني ڪوششون ڪيون، آخر ڪاميابي مڊل ڪلاس کي ٿي، هندن ۾ اسان جو اڳواڻ گانڌي صاحب هيو. ان پهريون دفعو ڪانگريس ۾ رام راڄ ۽ مذهب جو تصور پيش ڪيو. ماڻهن کي تمام وڏي غلط فهمي آهي تہ مذهب جو تصور رڳو جناح پيش ڪيو، اها تاريخ جي وڏي ۾ وڏي غلط بياني آهي. جناح تہ گانڌيءَ کي چيو هو تہ، ”تون مذهب جي ڳالهہ ڪري اهڙي مصيبت ٿو پيدا ڪرين، جنهن جا نتيجا خطرناڪ نڪرندا“. اها ڪرمنل ڳالهہ آهي، توهان منهنجا مضمون پڙهو، مون ان ۾ حوالا ڏنا آهن. پنڊت نهروءَ، جناح کي خط لکيو تہ: ”توهان کي اهميت ايتري ڏينداسون جيترا اوهان سان ماڻهو گڏ آهن“. جناح چيو تہ، ”معنيٰ تہ آئون بہ اوهان وانگر مذهب جو پرچار ڪريان؟ Revivalism ڪريان؟ تہ جيئن ماڻهو گڏ ٿين“. نهروءَ جواب ڏنس تہ، ”ها! جيئن وڻيئي تيئن وجي ڪر، پر هينئر تون اهو ماڻهو نہ آهين، جنهن سان اسان ڊيل ڪري سگهون“.

اها 1937ع جي ڳالهہ آهي. ٽي ماڻهو هئا، جن پاڪستان جو بنياد رکيو يعني سر سيد احمد خان، ٻيو علامہ اقبال هو، جنهن جي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ، هن تصور پيش ڪيو ۽ ٽيون محمد علي جناح هو. عام ماڻهوءَ جي سمجهہ ۾ هڪڙي ڳالهہ نہ ٿي اچي تہ، اهي ٽيئي Revivalist نہ هئا. اهي ٽيئي ماڻهو ”ڪافر“ هئا. تنهي جي مٿان ڪفر جون فتوائون هيون. جسٽس منير، ڪتاب لکيو آهي،

"From Jinnah to Zia" (جناح کان ضياءَ تائين) ان ۾ هن حوالا ڏنا آهن تہ سر سيد احمد خان، هينئنءَ ٿي چيو، اهو آئون توهان جي اڳيان پيش نٿو ڪري سگهان، چاڪاڻ تہ متان اوهان مان ڪو اٿي چوي تہ، رسول بخش پليجو بہ "ڪافر" آهي (هينيان آواز اچي ٿو تہ اسان ڪو نہ چونداسين، توهان ٻڌايو) هن چيو آهي تہ، "مذهب" Private societies لاءِ آهن. مدي خارج سماجن لاءِ آهن، وڏيڪ چيو اٿس تہ، هن دور ۾ مذهبي حڪومت ٿي سگهي ئي نہ ٿي، اها پراڻي زماني جي ڳالهہ آهي، دوزخ ۽ بهشت لاءِ بہ هن ڪجهہ چيو آهي، هن گهٽيون ڳالهيون ڪيون آهن، علامہ اقبال جيڪي ڳالهيون ڪيون آهن، اهي توهان جي اڳيان آهن.

"خدا بندي سي خود پوچي بتا تيري رضا کيا هي؟"

علامہ اقبال اسلام لاءِ تہ رنو ٿي پر هن جيڪا اسلام جي تشريح ڪئي آهي اها تہ:

"يزدان بہ ڪمندان مِ همت مردان."

اها ڪا روايتي Interpretation (تشريح) نہ آهي، اها تہ باغيانہ انٽرپريٽيشن آهي، جنهن کي ملان ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندا، هن کي باقاعده ڪافر سڏيو ويو هيو، دراصل اهو سڄو فلسفو روميءَ کان آيو آهي.

بزير کن گره کبريائي مردانند،

فرشتہ حيد، پيغمبر شڪار، يزدان گير.

من زا قرآن مغزرا برداشتيم،

اسخوان پيش سگان انداختيم.

(اسان قرآن مان مغز ڪڍي ورتو آهي، باقي هڏيون وجي، ڪتن وچ ۾ اڇلائي ڇڏيون آهن تہ جيئن اهي پاڻ ۾ وجي وڙهن.)

## اهو سڀ مولانا رومي چوي ٿو.

اهو سڄو صوفي ازم هڪ سسٽم (System) آهي، هڪڙو صوفي ازم آهي، پير فقير ڪرڻ، ٻيو صوفي ازم مولانا روميءَ جو آهي.

مطلب تہ اهي ٺيٺي ماڻهو ملا شاهيءَ جي سخت خلاف هئا ۽ ملا شاهي رياست جا قاتل دشمن هئا، انهن ٺنهي سان گڏ چوٽون ماڻهو غلام محمد پرڳڙي هو، جيڪو سنڌ جو تمام وڏو ليڊر هو، جنهن جي باري ۾ تمام گهڻ لکيو ويو آهي، ان تي رياض احمد لکيو آهي، جيڪو پاڪستان تي وڏي ۾ وڏي اٿارٽي آهي، هن انهن سيني جا نالا ڏنا آهن ۽ لکيو اٿس تہ اهي ماڻهو هڪ ترقي پسند، روشن خيال ۽ جديد جمهوري رياست ناهڻ جا حامي هئا. پاڪستان نهيو هيو، لبرل اسٽيٽ ناهڻ لاءِ پر پاڪستان جي 50 سالن جي تاريخ، سر سيد، علامہ اقبال ۽ محمد علي جناح جي فڪر، نظريي ۽ واٽ سان غداريءَ جي تاريخ آهي. ان کي پٺ ڏيڻ جي تاريخ آهي، ان کان 180 ڊگري ڪلٽي ڪائڻ جي تاريخ آهي، سوير جناح جي ڳالهہ نڪتي تہ ڪوٺا سڪا هن جي ڪيسي ۾ پيا آهن، جناح چيو تہ، ”مون ۽ منهنجي ٽائيپ رائيٽر پاڪستان ناهيو آهي“. ٺنهن وقت جناح جي فڪر جا مخالف بہ وينا هئا، انهن مان هڪڙي کان پڇيائون ڪيئن ٺو پانئين، چيائين ها! صحيح آهي. جناح جي خلاف Coup ڪيو ويو، هن کي هتي ڪچيءَ ۾ لاوارث ڪري ماريو ويو ۽ هتان کان Civil Services ۽ ٻين سروسز جو وڏو اٿالو ۽ جم غفير وٺي آيا. جنهن ۾ چوڌري محمد علي ۽ ٻيا انگريزن جا ايجنٽ ۽ دلال هئا، انهن کي وٺي آيا، انهن جناح کي مارڻ ڪانپوءِ هن جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪئي.

لينن چيو آهي تہ، جيستائن چڱا ماڻهو جيئرا هوندا آهن، تيستائين ڪتن وانگر هنن جا ٻوٽ پٽيا ويندا آهن ۽ جڏهن هو مري ويندا تہ ڪين بت بنائي، انهن جي پوڄا ڪئي ويندي آهي، معنيٰ تہ جيئري بہ انهن جي ڳالهہ هلڻ ڪا نہ ڏبي ۽ مرڻ ڪانپوءِ بہ انهن کي بت بنائي ٻين جي خلاف استعمال ڪيو، بلڪل ايئن جناح سان پاڪستان ۾ ڪيو ويو آهي.

هڪ سال اسلام آباد ۾ جناح جي ڏينهن جي تقريب ٿي، سامهون سپ طالبان وينا هئا، اتي مون چيو تہ، مون کي خبر ڪا نہ آهي تہ هن جلسي ۾ جناح جو نالو وٺڻ حلال آهي يا حرام آهي. هن ”ڪافر“ جو نالو وٺڻ سان ماڻهو ڪافر تہ نہ ٿي ويندو؟ هي تہ هڪ ”ڪافر“ جي ڳالهہ آهي، اتي اوهان ڇا وينا ڪريو؟ مون چيو پاڪستان ۾ جناح جي فڪر تي بندش پيل آهي، اڻ لکيل بين آهي، اڄ ڏينهن ٺائين جناح جي، 11 آگسٽ واري معرڪتہ الاراءِ تقرير ڪا بہ اخبار شايع ڪرڻ جي جرئت نہ ڪري سگهي آهي، جنرل چشتي منهنجي پاسي ۾ وينو هيو،

ان به چيو، ”هان اڃا تائين شايع نه ٿيون آهن.“ مولانا فضل الرحمان به ويٺو هيو، جنهن چيو، ”سيڪيولر ازم جي معنيٰ آهي سمورن مذهبن جي پوئلڳن جي قانون جي سامهون برابري ۽ اهو ئي اسلام آهي، جي اهو اسلام نه آهي ته ٻيو ڪجهه به نه آهي“.

هڪڙي ڳالهه اها سمجهڻ کپي ته ان بدنيت ٽولي کي خبر هئي ته جناح کي (T.B) ٽي بي آهي، اهو هونئن ئي مري ويندو، پوءِ پاڻ اهو ساڳيو انگريزن وارو نظام لاڳو ڪنداسين، جناح کي بند ڪري Paralyse ڪري ڇڏيائون.

توهان کي خبر آهي ته اسان جو پهريون ڪمانڊر ان چيف جنرل ميسروي هيو، ان بابت ايڊمرل مائونٽ بيٽن پنهنجي انٽرويوءَ ۾ چيو آهي ته ان هتان رٽائر ٿيڻ شرط وچي نهروءَ کي رپورٽ ڏني، هي هئا پاڪستان جا اهي آفيسر جن کي پاڪستان جي نئين گورنمينٽ مقرر ڪيو هو. توهان کي خبر آهي ته ميسروي ڇا چيو؟ ميسروي وڃي نهروءَ کي رپورٽ ڏني ته ”پاڪستان جي وڏن عملدارن خاص طرح وزير اعظم جو چوڻ آهي ته جناح جي مٿي ۾ ڏيڏر آهي، هو سمجهي ٿو هو ڪو وڏو پهلوان آهي، جڏهن ته آهي ڪجهه ڪونه، تنهن ڪري اهي سڀ هن مان بيزار آهن، وزيراعظم سميت سڀ ماڻهو پريشان آهن ته جناح کي ڪيڏانهن ڪريون، هن مان جان ئي نه ٿي ڇٽي“.

جيئن ڪنهن گهوٽ کي ڪنوار هڪڙي ڏيکارجي ۽ پرڻائي ٻي ڪا پوڙهي ڇڏجي، بلڪ ايئن ئي اسان کي ڏيکاريو جناح ويو، اسلام، نظريئه پاڪستان، دوستي ۽ ڀائپيءَ جون ڳالهيون ڪيون ويون پر نڪتا وري هي بچن شل سر فرانسز موڊي، جنرل ميسروي، جنرل ميڪڊوگال، اها سڄي سامراجي لوڏ هئي. توهان ايوب خان بابت الطاف گوهر جو لکيل ڪتاب پڙهو. ان ۾ هن لکيو آهي ته، اسان سنڌ جي شهرن تي پلان مطابق قبضو ڪيو آهي. پلان ڪري هتان شهرن مان سنڌين کي ڪڍي ڇڏيائون، هو پنهنجا سمورا پلان هتي کڻي آيا هئا، جناح پاڪستان ٺاهڻ جو پلان ٺاهيو ۽ هنن ملڪ تي قبضو ڪرڻ جو پلان ٺاهيو، سامراج کي هن ملڪ جو مڪمل مالڪ بنائڻ جو پلان ٺاهيو ۽ ان مطابق ايڪشن ڪيائون.

هاڻي برابريءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪو نه ٿيندو، هي جنرل صاحب جيڪا ايسپرو کڻيو وينو آهي، اهو مسئلو ايئن حل ڪو نه ٿيندو، بنيادي شيءَ

اها آهي تہ قوميتي حق ملڻ کپن، سرائڪستان نهڻ کپي، هي مستقل اڪثريت جي طاقت جو زور ٽٽڻ کپي، سيني کي برابريءَ جو احساس ٿيڻ کپي، هي پراڻو سسٽم هاڻ نہ هلندو.

”آفتاب تازه پيدا بطن گستي هي هوا،
آسمان ڈوبي هوئي تارون کا ماتم کب تلک“.

هي نئون دور اچي ويو آهي. 21 هين صدي آهي، هاڻي اهي جيڪي ماڻهو ڪکڙ هئا، ڪنڌ هيٺ ڪريو پئي هليا، هاڻي ملڪ کي گهڻو وقت ايئن هلائي ڪو نہ سگهبو، هي جيڪي منيون منيون ڳالهيون پيا ڪن، تقريرون پيا ڪن، هاڻي اهي زمانا ويا هليا، اسان هاڻي نڳيءَ جي ناهہ کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪريون ٿا.

تنهن ڪري منهن جي پڪائيءَ واري سياست بند ٿيڻ گهرجي، اليڪشن کي قطعي نہ سمجهڻ گهرجي. اليڪشنون بلڪل ٿيڻ کپن، پر هي بوگس اليڪشنون آهن، انهن جو علاج ٿيڻ کپي ۽ جائز اليڪشنيون ٿيڻ کپن. جمهوريت جو هي نظام، جنهن ۾ اقليتن جو ڪو بہ تحفظ ڪونهي، اها غلط آهي، جاگيرداري ۽ جمهوريت بئي Non Co-existent (هڪ ٻئي سان گڏ نہ هلي سگهندڙ) شيون آهن، اهو ايئن آهي، جيئن گرم چانهن ۾ ڪو ماڻهو برف ٽڪر وجهي پوءِ چوي تہ گرماگرم چائي.

پاڻ کي نئون ۽ بهتر پاڪستان ناهڻو آهي. سينيٽ کي پاور ڏيارڻا آهن، ملڪ ۾ حقيقي جمهوريت آڻڻي آهي، پاڪستان کي آزاد ڪرائڻو آهي ۽ پاڻ سڀ گڏجي هٿ ۾ هٿ ملائي، هن ملڪ ۾ هڪڙو نئون دور آڻيون، هن 21 هين صديءَ کي واقعي دنيا لاءِ ۽ پنهنجي عوام لاءِ سک، انصاف، آزادي ۽ انساني توڙي قومي وقار جي صدي بنايون.

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books